# سنڌ ايڪٽ نمبر XXVIII مجريہ 1994

# SINDH ACT NO.XXVIII OF 1994

# ڪوسٽل ڊولپمينٽ اٿارٽي ايڪٽ، 1994

# THE COASTAL DEVELOPMENT AUTHORITY ACT, 1994

## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. وصفون

Definition

3. اٿارٽي جو قيام

Establishment of the Authority

4. انتظاميہ

Management

5. گورننگ باڊي جي جوڙجڪ

Constitution of the Governing body

6. چيئرمين

Chairman

7. ڪم

Functions

8. ڪميٽين جي جوڙجڪ

Constitution of Committees

9. گورننگ باڊي جون گڏجاڻيون

Meetings of the Governing body

10. اختيارن جي منتقلي

Delegation of powers

11. عملدارن عملي وغيره جي مقرري

Appointment of officers staff etc

12. مک منصوبو

Master Plan

13. اسڪيمون

Schemes

14. ملڪيت

Property

15.

16. فنڊ

Fund

17. بجيٽ

Budget

18. اڪائونٽس سنڀالڻ

Maintenance of accounts

19. ساليانو رپورٽ

Annual report

20. رهتن جي اوڳاڙي

Recovery of dues
21. دائره اختيار تي پابندي
Jurisdiction barred
22. ڪارروائين جو موثر هئڻ
Validation of proceedings
23. ضمانت
Indemnity
24. قاعدا
Rules
25. ضابطا
Regulations
26. منسوخي
Repeal

# سنڌ ايڪٽ نمبر XXVIII مجريہ 1994

# SINDH ACT NO.XXVIII OF 1994

# ڪوسٽل ڊولپمينٽ اٿارٽي ايڪٽ، 1994

# THE COASTAL DEVELOPMENT AUTHORITY ACT, 1994

[29 نومبر 1994]

ايڪٽ جنهن ذريعي ضلعن ٺٽي ۽ بدين جي ساحلي علائقن جي ترقي، سڌاري ۽ سنوار سينگار لاءِ قدم کنيا ويندا ۽ اهڙي مقصد لاءِ هڪ اٿارٽي قائم ڪئي ويندي؛

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ ضلعن ٺٽي ۽ بدين جي ساحلي علائقن جي ترقي، سڌاري ۽ سنوار سينگار لاءِ قدم کڻڻ ۽ اهڙي مقصد لاءِ هڪ اٿارٽي قائم ڪرڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

ان ڪري هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي ڪوسٽل ڊولپمينٽ اٿارٽي ايڪٽ، 1994 سڏيو ويندو.

(2) اهو فوري طور لاڳو ٿيندو.

(3) ان جي ساحلي علائقي تائين توسيع ڪئي ويندي.

وصفون
Definition

2. هن ايڪٽ ۾ جيستائين ڪجهه مضمون ۽ مفهوم جي متضاد نہ هجي، تيستائين:

(a) "اٿارٽي" مطلب دفعہ 3 تحت قائم ڪيل اٿارٽي؛

(b) "چيئرمين" مطلب گورننگ باڊي جو چيئرمين؛

(c) "ساحلي علائقا" مطلب ضلعن ٺٽي ۽ سجاول بدين جا ساحلي علائقا جيئن حڪومت طرفان بيان ڪيو ويو هجي.

(cc) "ڊائريڪٽر جنرل" مان مراد اٿارٽي جو ڊائريڪٽر جنرل؛

(d) "فنڊ" مطلب اٿارٽي جو فنڊ؛

(e) "گورننگ باڊي" مطلب دفعہ تحت جوڙيل گورننگ باڊي؛

(f) "حڪومت" مطلب سنڌ حڪومت؛

(g) "مک منصوبو" مطلب هن ايڪٽ تحت تيار ڪيل منصوبو.

(h) "ميمبر" مطلب گورننگ باڊي جو ميمبر؛

(i) "بيان ڪيل" مطلب هن ايڪٽ تحت جوڙيل قاعدن ۽ ضابطن موجب بيان ڪيل؛

(j) "قاعدا ۽ ضابطا" ترتيبوار مطلب هن ايڪٽ تحت جوڙيل قاعدا ۽ ضابطا؛

(k) "اسڪيم" مطلب هن ايڪٽ تحت تيار ڪيل، ڪم ڪيل يا مڪمل ڪيل اسڪيم.

## باب _II

## اٿارٽي جو قيام ۽ ڪم

## Chapter_II

## Establishment and functions of the Authority

اٿارٽي جو قيام
Establishment of the Authority

3. (1) هن ايڪٽ جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ اٿارٽي قائم ڪئي ويندي، جنهن کي ڪوسٽل ڊولپمينٽ اٿارٽي سڏيو ويندو.

(2)اٿارٽي باڊي ڪارپورٽ هوندي، جنهن وٽ حقيقي وارثي ۽ عام مهر سان گڏ ٻنهي قسم جي متحرڪ ۽ غير متحرڪ ملڪيت حاصل ڪرڻ ۽ رکڻ جو اختيار حاصل هوندو ۽ جاٽايل نالي سان ڪيس ڪري سگهندي ۽ ان تي ڪيس ٿي سگهندو.

(3)اٿارٽي جو هيڊ ڪوارٽر ڪراچي يا ساحلي علائقن ۾ اهڙي ٻئي هنڌ تي هوندو، جيئن حڪومت نوٽيفڪيشن ذريعي مقرر ڪري.

**انتظاميه**
**Management**

4. (1)اٿارٽي جي عام هدايت ۽ انتظاميه ۽ ان جا معاملا گورننگ باڊي وٽ هوندا، جيڪا سمورا اختيار استعمال ڪندي ۽ اهڙا قدم کڻندي جيڪي اٿارٽي طرفان استعمال ڪيا ۽ قدم کنيا ويندا.

(2)گورننگ باڊي پنهنجا ڪم سرانجام ڏيندي منصوبابندي، ڊولپمينٽ آپريشن، انتظامن ۽ ساحلي علائقن جي مرمت جي جوڳن اصولن تي ڪم ڪندي ۽ پاليسي جي سوالن تي اهڙين هدايتن سان رهنمائي ڪئي ويندي جيئن حڪومت وقت بوقت ڪري.

(3)جيڪڏهن ڪو سوال اڀري ته اهو معاملو پاليسي جو آهي يا نه، ته حڪومت جو فيصلو حتمي هوندو.

**گورننگ باڊي جي جوڙجڪ**
**Constitution of the Governing body**

5. (1)گورننگ باڊي چيئرمين تي مشتمل هوندي، جيڪو حڪومت طرفان مقرر ڪيو ويندو ۽ هيٺين ميمبرز تي:

(a) حڪومت جي هيٺين کاتن جا سيڪريٽريز:

(i) منصوبابندي ۽ ترقي جو کاتو.

(ii) ماليات کاتو.

(iii) فاريسٽ، جهنگلي جيوت کاتو.

(iv) ايريگيشن ۽ پاور کاتو.

(v)زراعت جهنگلي جيوت کاتو.

(vi)ثقافت، راند، يوٿ افيئرز ۽ سياحت کاتو.

(vii)مڪاني حڪومت، ڪچي آباديز ۽ ڊولپمينٽ کاتو.

(viii)ڪميونيڪيشن ۽ ورڪس کاتو.

(ix)هائوسنگ ٽائون پلاننگ، ڪچي آباديز ۽ ماحوليات کاتو.

(b) ٺٽو ضلعي، سجاول ۽ بدين جو ڊپٽي ڪمشنر.

(c)صوبائي اسيمبلي سنڌ جا ٽي ميمبرز هر هڪ ٺٽي، سجاول ۽ بدين ضلعي مان وڏي وزير طرفان نامزد ڪيا ويندا.

(d)صوبي جا ٻہ نامور ماڻهو وڏي وزير طرفان نامزد ڪيا ويندا.

(b) ڊائريڪٽر جنرل جيڪو سيڪريٽري ٻہ هوندو.

(2)گورننگ باڊي اهڙا ٻيا ماڻهو ميمبرز طور مقرر ڪري سگهي ٿي، جيئن اها مناسب سمجهي.

(3)نان آفيشل ميمبر ٽن سالن جي عرصي تائين عهدو رکي سگهندا، جيستائين اڳ ۾ استعيفيٰ ڏين يا هٽايا وڃن.

(4)نان آفيشل ميمبرز جي عهدي تي عارضي آسامي تي مقرر ڪيل ڪو شخص اهڙي آسامي جي رهيل مدي لاءِ عهدو رکي سگهندو.

(5)اٿارٽي نان آفيشل ميمبرز کي اهڙو معاوضو ڏيندي، جيئن اها طئي ڪري.

چيئرمين
Chairman

6. (1)جيستائين حڪومت ٻي هدايت نہ ڪري چيئرمين پنجن سالن جي لاءِ اهڙين شرطن ۽ ضابطن تحت عهدو رکندو جيئن حڪومت طئي ڪري.

(2)چيئرمين پنهنجي مدي جي ختم ٿيڻ تي ٻيهر مقرري لاءِ اهل هوندو ٻئي مدي لاءِ يا اهڙي گهٽ مدي لاءِ جيئن حڪومت طئي ڪري.

(3)چيئرمين اٿارٽي جو چيف ايگزيڪيوٽو هوندو.

(4)چيئرمين ۽ ميمبرز اهڙيون ذميداريون ادا ڪندا ۽ اهڙا اختيار استعمال ڪندا جيڪي انهن کي هن ايڪٽ تحت سونپيا ويا آهن.

(5)جڏهن چيئرمين ڪنهن سبب جي ڪري ڊيوٽي کان غير حاضر آهي يا پنهنجي آفيس جا ڪم سرانجام ڏيڻ لائق ناهي ته، حڪومت گورننگ باڊي جي ڪنهن ميمبر کي چيئرمين جون ذميداريون سرانجام ڏيڻ لاءِ نامزد ڪري سگهي ٿي.

ڪم Functions

7. حڪومت جي عام يا خاص هدايتن موجب، اٿارٽي:

(1)ساحلي علائقن جي سموري ترقي، سڌاري، سنوار سينگار ۽ ڪوآرڊينيشن لاءِ ذميدار هوندي.

(2)مانيٽرنگ ڊولپمينٽ اسڪيمن/سرگرمين جي سجاڳپ، ڪوآرڊينيشن، ايگزيڪيوشن لاءِ ذميدار هوندي، جيڪي هيٺين گنجائشن تي مشتمل هونديون:

(a)پيئڻ جي پاڻيءَ جون سهولتون، رابطي جو سرشتو، بجلي، ڊرينيج، سياحت ۽ رورل ڊولپمينٽ ورڪس.

(b)تعليمي، فني ۽ پروفيشنل ادارن جو قيام؛

(c)فشريز، لائيو اسٽاڪ، هارٽيڪلچر، فاريسٽ ۽ زراعت جي ترقي؛

(d)زراعت، لائيو اسٽاڪ، فشريز صنعتن ۽ ٻين لاڳاپيل معاشي سرگرمين جي ترقي لاءِ مقامي/پرڏيهي ڪريڊٽس؛

(e)مارڪيٽنگ سهولتن جي ترقي؛
(f)جيٽيز ۽ بندرگاهن جي جوڙجڪ؛
(g)رهواسين جي سماجي معاشي حالتن جي ترقي ۽ سڌارو؛
(h)اين جي اوز کي هٿي وٺرائڻ ۽ علائقي کي ترقي وٺرائڻ لاءِ ترقياتي اسڪيمن لاءِ مالي مدد ۾ سهڪار ڪرڻ؛
(i)ڪاروباري ترقي جو اهتمام ڪرڻ؛
(j)علائقي ۾ انساني ۽ ٻين وسيلن جي ترقي؛
(3)وفاقي ۽ صوبائي حڪومتن يا ڪنهن مقامي اٿارٽي يا خودمختيار باڊي جي سهڪاري ايجنسي طور ڪم ڪندي؛
(4)ترقياتي سرگرمين ۽ ماحولياتي تحفظ ۾ رڌل وفاقي يا صوبائي، عوامي يا نجي ايجنسين سان سهڪار ڪرڻ؛
(5)فني رهنمائي فراهم ڪرڻ بشمول فني خدمتن جي ۽ ترقياتي سرگرمين جي ترقي يا سهڪار لاءِ ماڻهو فراهم ڪرڻ؛
(6)وفاقي يا صوبائي حڪومت طرفان سونپيل اسڪيمن جو ڪم مڪمل ڪرڻ؛
(7)ساحلي علائقن سان لاڳاپيل مختلف سرگرمين جي ترقياتي منصوبابندي ۾ تحقيق ڪرڻ؛
(8)منصوبابندي ۽ ترقي سان لاڳاپيل ادب گڏ ڪرڻ ۽ ترقياتي ڪمن ۾ رڌل يا دلچسپي رکندڙ ماڻهن ۽ ايجنسيز ۾ ورهائڻ؛
(9)لاڳاپيل ميدانن ۾ منصوبابندي ۽ ترقي تي تربيتي پروگرامن ۽ سيمينارز جو انتظام ڪرڻ ۽ ڪوٺائڻ؛
(10)ڪچين ۽ ناريل جي پوکي ۾ مدد ڪرڻ ۽ سهڪار

ڪرڻ ۽ انهن مان تيل ڪڍڻ ۽ صفائي ڪرڻ جو انتظام ڪرڻ؛

(11)ڪيٽي بندر ۽/يا ڪنهن ٻئي ممڪن هنڌ تي فش هاربرز/ڪمني/ڊيپ پورٽ جي ترقي ۾ مدد ۽ سهڪار ڪرڻ؛

(12)تيل جي منتقلي لاءِ پائيپ لائينز فراهم ڪرڻ سان گڏ آئل ريفائنري جي قيام ۾ مدد ۽ سهڪار ڪرڻ؛

(13)اهڙا ٻيا ڪم سرانجام ڏيڻ جيڪي اٿارٽي جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ضروري هجن.

ڪميٽين جي جوڙجڪ
Constitution of Committees

8. گورننگ باڊي، هن ايڪٽ جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ، مالياتي، فني، ايگزيڪيوٽو ڪميٽيون جوڙي سگهي ٿي.

گورننگ باڊي جون گڏجاڻيون
Meetings of the Governing body

9. گورننگ باڊي اهڙي هنڌ ۽ وقت تي گڏجاڻي ڪندي ۽ اهڙي طريقي ۽ طريقيڪار جي اهڙن قاعدن جو مشاهدو ڪندي جيئن بيان ڪيو ويو هجي، بشيرطيڪ جيستائين انداز يا طريقيڪار بيان ڪيو وڃي گڏجاڻي اهڙيءَ ريت ڪوٺائي ويندي جيئن چيئرمين طرفان هدايت ڪئي وئي هجي.

اختيارن جي منتقلي
Delegation of powers

10. گورننگ باڊي عام يا خاص حڪم ذريعي پنهنجا ڪي بہ اختيار، ڪم ۽ ذميداريون، چيئرمين، ميمبر يا اٿارٽي جي ڪنهن عملدار کي منتقل ڪري سگهي ٿي.

| | |
|---|---|
| 11. پنهنجي ڪمن جي موثر ڪارڪردگي لاءِ اٿارٽي اهڙا عملدار، ماهر، صلاحڪار ۽ ملازم اهڙين شرطن ۽ ضابطن تحت مقرر ڪري سگهي ٿي، جيئن بيان ڪيو ويو هجي. | عملدارن عملي وغيره جي مقرري<br>Appointment of officers staff etc |

## باب _III
## مک منصوبو ۽ اسڪيمون
## Chapter_III
## Master plan and schemes

| | |
|---|---|
| 12. (1)اٿارٽي جيترو جلدي ٿي سگهي اهڙن ساحلي علائقن جي ترقي، سڌاري، واڌاري ۽ سنوار سينگار لاءِ مک منصوبو تيار ڪندي، جن جي ترقي، واڌارو ۽ سنوار سينگار ٿيڻو هجي ۽ اهڙو منصوبو حڪومت کي منظوري لاءِ پيش ڪندي.<br>(2)حڪومت منصوبو تبديلين سان يا تبديلين کانسواءِ منظور ڪري سگهي ٿي. | مک منصوبو<br>Master Plan |
| 13. (1)اٿارٽي ساحلي علائقن يا انهن جي حصي لاءِ ترقياتي اسڪيمون تيار ڪري يا تيار ڪرڻ جو سبب بڻجي سگهي ٿي اهڙي طريقي ۽ اهڙيءَ ريت جيئن بيان ڪيو ويو هجي.<br>(2)اٿارٽي طرفان تيار ڪيل سموريون اسڪيمون منظوري لاءِ حڪومت کي جمع ڪرايون وينديون، جيڪي تبديلين سان يا تبديلين کانسواءِ منظور ڪيون وينديون. | اسڪيمون<br>Schemes |

## باب _IV
## ملڪيت حاصل ڪرڻ
## Chapter_IV

## Acquisition of property

ملڪيت
Property

14. اٿارٽي ہي ڪا متحرڪ يا غير متحرڪ ملڪيت يا ان جو ڪو حصو لاڳاپيل ڌر سان معاهدي ۾ شامل ٿي خريد ڪري، ليز تي وٺي يا مٽا سٽا ڪري، حاصل ڪري سگهي ٿي.

15. جتي اٿارٽي ان خيال جي آهي تہ ڪا زمين ڪنهن اسڪيم لاءِ يا ٻئي عوامي مقصد لاءِ گهربل آهي اها دفعہ 14 تحت حاصل نٿي ڪري سگهجي، تہ اهڙي زمين حيدرآباد ڊولپمينٽ اٿارٽي ايڪٽ، 1976 تحت حاصل ڪئي ويندي ۽ ان ايڪٽ ۾ حيدرآباد ڊولپمينٽ اٿارٽي ڏانهن ڪو حوالو اٿارٽي ڏانهن حوالو هوندو.

## باب ـ V

## ماليات

## Chapter_V

## Finances

فنڊ
Fund

16. (1)ڪوسٽل ڊولپمينٽ اٿارٽي فنڊ طور هڪ الڳ فنڊ هوندو، جيڪو اٿارٽي ۾ شامل هوندو.

(2)اٿارٽي ان طرفان سهولتن جي استعمال ۽ فراهم ڪيل خدمتن لاءِ چارجز يا فيس جو پيمانو جوڙيندي.

(3)فنڊز مشتمل هوندا:

(a)حڪومت يا لوڪل ڪائونسلز يا ڪنهن ٻي ڊونر ايجنسي طرفان ڪيل گرانٽس؛

(b)اٿارٽي جي متحرڪ يا غير متحرڪ ملڪيتن جا سيل پروسيڊز؛

(c)هن ايڪٽ تحت حاصل ڪيل سموريون فيس،

| | |
|---|---|
| رسيدون ۽ چارجز. | |
| (d)اٿارٽي طرفان وصولي لائق ٻيون سموريون رقمون ۽ حاصل ڪيل قرض. | |
| 17. (1)هر مالي سال لاءِ ڪاٿو لڳايل رسيدن ۽ خرچ جو بيان تيار ڪيو ۽ اهڙيءَ ريت حڪومت کي جمع ڪرايو ويندو. جيئن بيان ڪيو ويو هجي. | بجيٽ<br>Budget |
| (2)حڪومت تبديلين سان يا تبديلين کانسواءِ بجيٽ منظور ڪري سگهي ٿي. | |
| 18. (1)اٿارٽي جا اڪائونٽس اهڙي انداز ۾ ۽ اهڙي طرح رکيا ويندا، جيئن بيان ڪيو ويو هجي. | اڪائونٽس سنڀالڻ<br>Maintenance of accounts |
| (2)ذيلي دفعه (1) تحت سنڀاليل اڪائونٽس آڊيٽر جنرل آف پاڪستان طرفان آڊٽ ڪيا ويندا. | |

## باب _VI

## متفرقات

## Chapter_VI

## Miscellaneous

| | |
|---|---|
| 19. اٿارٽي هر هلندڙ سال جي ختم ٿيڻ تي ان سال دوران ان جي سرگرمين جي رپورٽ تيار ڪندي ۽ اهڙي رپورٽ حڪومت کي جمع ڪرائيندي. | ساليانی رپورٽ<br>Annual report |
| 20. اٿارٽي ڏانهن بقايا ڪا رقم يا غلطيءَ سان اٿارٽي طرفان هن ايڪٽ تحت ادا ڪيل رقم ليند روينيو جي رهتن طور اوڳاڙي لائق هوندي. | رهتن جي اوڳاڙي<br>Recovery of dues |
| 21. هن ايڪٽ تحت ڪجهه ڪيل يا ڪجهه ڪرڻ جي ارادي تي ڪنهن عدالت طرفان ڪو فيصلو نه ٻڌايو ويندو يا ڪو حڪم جاري نه ڪيو ويندو يا ڪا ڪارروائي نه ڪئي | دائره اختيار تي پابندي<br>Jurisdiction barred |

ويندي.

**ڪارروائين جو موثر هئڻ**
**Validation of proceedings**

22.  هن ايڪٽ تحت ڪنيل ڪو قدم يا ڪيل ڪا ڪارروائي يا جاري ڪيل حڪم گورننگ باڊي يا ڪنهن ڪميٽي ۾ ڪنهن آسامي يا انهن جي جوڙجڪ ۾ نقص جي بنياد تي غير موثر نہ هوندو.

**ضمانت**
**Indemnity**

23.  هن ايڪٽ تحت ڪجھ ڪيل يا ڪجھ ڪرڻ جي ارادي تي حڪومت، اٿارٽي يا ڪنهن شخص خلاف ڪو ڪيس يا قانوني ڪارروائي نہ ٿيندي.

**قاعدا**
**Rules**

24.  حڪومت هن ايڪٽ جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ قاعدا جوڙي سگهي ٿي.

**ضابطا**
**Regulations**

25. (1)هن ايڪٽ جي گنجائشن ۽ قاعدن موجب، اٿارٽي هن ايڪٽ جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ضابطا جوڙي سگهي ٿي.

(2)خاص طور تي ۽ مٿي ڄاڻايل اختيارن جي عام حيثيت سان تضاد ڪانسواءِ، اهڙا ضابطا فراهم ڪن ٿا:

(i)اٿارٽي جون گڏجاڻيون ۽ اهڙين گڏجاڻين ۾ ڪاروهنوار هلائڻ؛

(ii)اٿارٽي جي عملدارن ۽ عملي جي ملازمت جا شرط ۽ ضابطا؛

(iii)ڪو ٻيو معاملو جيڪو هن ايڪٽ جي گنجائشن موجب گهربل هجي، ضابطن ذريعي فراهم ڪيو ويندو.

**منسوخي**

26.  ڪوسٽل ڊولپمينٽ اٿارٽي آرڊيننس، 1994 ڪي

| | |
|---|---|
| منسوخ ڪيو وڃي ٿو. | Repeal |
| **نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.** | |